ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو

# مرزا قليچ بيگ جون عربي- سنڌي آئيوينٽا ۽ صورتخطيءَ بابت ڪيل خدمتون

**Dr. Altaf Hussain Jokhio**

***Abstract:***

## Mirza Kalich Beg's Services on Arabic-Sindhi Iveta and Dictation

*Mirza Kalich Beg being one of the prestigious eminent scholar among the Sindhi literature and linguistics, worked on variety of subject matters and genres ranging from fiction to history and from poetry to linguistics. During the British period, where due to lack of Sindhi books the Sindhi language was suffering; Mirza Kalich Beg initiated a whole new tradition of writing in newly declared Arabic-Sindhi alphabet and helped in confirmation of its immortality. As a linguist, his most productive contribution to Sindhi language was his book 'Sindhi Viyakaran' (Sindhi Grammar) discussing on many discourses in language. In this paper his study on sound, letter, script, Sindhi alphabet and orthography is entertained briefly in order to incite new researchers to work critically and analytically on M.Phil./Ph.D. levels.*

*مرزا* قليچ بيگ سنڌي ٻوليءَ تي ان وقت ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جڏهن سنڌي ادب کي ڪوڙ سارو ادب لکت ۾ گهربل هيو. پنهنجي جڳهه تي اچرج اوس ٿئي ٿو ۽ هڪ سوال به اڀري ٿو ته هڪ روينيو جي ماڻهوءَ، نوڪري جي ذميواري نڀائيندي، ايترو ادبي ۽ علمي ڪم ڪيئن ڪيو هوندو!

يقيناً هي ماڻهو اهي ٿين ٿا جيڪي 'ناٽي' بجاءِ 'نالي' جي چونڊ ڪندي، قومي شعور جي آبياريءَ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪن ٿا ۽ پنهنجي قوم جي ڳاٺ اوچي ڪرڻ لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪن ٿا.

مرزا صاحب نثر توڙي نظم جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪندي تقريباً ساڍا چار سؤ ڪتاب لکيا. هتي لسانيات جي حوالي سان سندس عربي- سنڌي آئيوينٽا ۽ صورتخطيءَ جي نسبت ڪيل ڪم جو انتهائي مختصر جائزو ورتو ويندو.

انگريزن جي دؤر کان ئي باضابطه سنڌي لسانيات تي ڪم ٿي سگهيو آهي. سنڌ مان پوپٽي هيراننداڻي، پيرومل آڏواڻي ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا نمايان طور ڳڻي سگهجن ٿا. پيرومل آڏواڻيءَ جو ڪم داد لائق رهيو آهي. مرزا صاحب، لسانيات جو علم ڪنهن اداري ۾ ته حاصل نه ڪيو ليڪن، مطالعي جي بنياد تي هن جو ڪم ايڏو ته سگهارو آهي جو اڄ به لسانيات تي ڪم ڪندڙ محقق سندس ڪيل ڪم مان استفادو حاصل ڪري ٿو. ان حوالي سان سندس ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' وڏي مڃتا ماڻي چڪو آهي.

سنڌي وياڪرڻ ڪئين حوالن سان هڪ جامع ڪتاب آهي، جنهن تي درست رخ سان ايم.فل يا پي.ايچ.ڊي سطح تي تنقيدي ۽ تحقيقي ڪم ٿيڻ گهرجي.

آئيوپٽا جي حوالي سان چونداسين ته مرزا صاحب، اکر کان وٺي وضاحت ڏيڻ جي ڪوشش ورتي آهي، حالانڪ مختلف ٻولين جي لحاظ کان ' اکر' ۽ 'حرف' جي لغوي ۽ سماجي معنائن ۾ فرق آهي، اهڙي قسم جي ڇنڊڇاڻ وارو ڪم ٿيڻ گهرجي؛ ليڪن اهڙي انداز سان، اسان جي علمي حلقي ۾، ڪم اڳتي وڌائڻ کي معيوب ليکيو وڃي ٿو.

مرزا قليچ بيگ حرف جي معنى ڄاڻائي ٿو ته: "حرف جي لفظي معنى آهي ڪنارو يا طرف يعني لفظ جو تمام ننڍو حصو يا ڪنڊ. انهن کي ڪيترن ئي قسمن ۽ صورتن ۾ وراهيائون ۽ انهن مان جدا جدا ڪم ڪديائون." (قليچ، 69:2006)

فيروز اللغات موجب لفظ 'حرف' جو هيئينءَ ريت اشتقاق ڪجي ٿو:

- ❖ **حَرِف (حَرَفَ = هن هٽائي ڇڏيو، هن منهن موڙائي ڇڏيو) هٽائڻ، منهن موڙڻ.**
- ❖ **حَرَّفَ = (ڪتاب يا ڳالهه) بدلائڻ- قلم جو قط پاسيرو ڪٽڻ- جهڪائڻ- ڪنارو ٿاهڻ.**
- ❖ **حَرِف جمع حِرَف = ڪنارو، انتہا، حاشيو.**
- ❖ **حَرِف جمع حُروف = آئيوپٽا جو هڪ حرف- وياڪرڻ ۾ اٺن لفظن مان ٽن قسمن لاءِ ڪم ايندڙ.**

هونئن ته مرزا صاحب ڪافي ٻولين جي ڄاڻ رکندو هو، پر ڏٺو وڃي ته مرزا صاحب جو عربي صرف و نحوَ جو مطالعو ڪافي ڪيل هو؛ ان لحاظ کان لفظن جي چونڊ يا وضاحت گهڻي قدر عربيءَ نسبت ڪئي اٿس. ظاهر آهي ته هر ٻوليءَ ۾ ڪوبه لفظ ڪافي مرادن سان استعمال ٿيڻ سبب ڪئين معنائون رکندو آهي؛ اهڙيءَ صورت ۾ مرزا صاحب لفظ جي معنى جي اهڙي ڪرڻ جي ڪوشش ورتي آهي جنهن جو جوڙ لفظ جي عام

استعمال سان ڳنڍي سگهجي. اهو طريقو پراڻن استادن ۾ عام رهيو آهي. پيرومل آڏواڻيءَ ۾ به اها خوبي هئي جو لفظ جي معنى ٻڌائي، پوءِ Conditioning theory of learning تحت لفظ جي اهڙي وضاحت ڪبي جيئن عام شاگرد جي ذهن تي چٽجي وڃي. جيئن عربي صورتخطيءَ نسبت شمسي ۽ قمري اکرن جي وضاحت ڪئي ويندي آهي. مرزا قليچ بيگ صاحب ان جي وضاحت ۾ لکي ٿو ته: "ان جو استعمال ائين آهي ته عربيءَ ۾ ڪنھن اسم سان 'ال' شروع ۾ وجهڻ سان شمسي اکرن جي حالت ۾ لام جو آواز نه ٿو نڪري ۽ قمري اکرن جي حالت ۾ نڪري ٿو. مثلاً : شَمسُ الدّين نالي ۾ شمس الڳ ۽ الدين آواز الڳ ڪڍڻ غلط آهي (بلڪه شد سببان شَمسُد دِين آواز ڪڍبو )۽ القلب ۾ قاف قمري اکر آهي، تنھنڪري لام جو آواز ٿيندو ۽ اهو القلب پڙهبو، جيئن 'مُفرِحَ القلوب' (شد نه هجڻ سببان مفرحل قلوب پڙهبو )" (قليچ، 2006: 71)

اها ساڳي ڳالهه، صورتخطيءَ جي پڙهڻيءَ موجب اسان جي پرائمري استاد مريد حسن خاصخيلي مرحوم ائين به آسان ڪري سمجهايو ته: آسمان ۾ تارا ته موجود هوندا آهن، ليڪن شمس يعني سج سان نظر نه ٿا اچن ته اهڙن شمسي اکرن ۾ تارن جيان 'ال' اکرَ سمجهو ته ڏسڻ ۾ ئي نه ٿا اچن، جو پڙهجن! ۽ رات جو تارا قمر يعني چنڊ سان نمايان نظر ايندا آهن، انڪري قمري اکرن اڳيان 'ال' تي نظر رکي پڙهبو.

عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪم ايندڙ اکرن جي استعمال بابت ڪافي ڄاڻ ڏڌ ڪئي وئي آهي؛ جهڙوڪ: سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي فارسيءَ جا لفظ ضم ٿي چڪا آهن، جن جي صورتخطيءَ ۾ جنسي 'و' لکيو ويندو آهي، ليڪن پڙهڻ/ اچارڻ ۾ 'خ' جي آواز سببان ان (واو) جو آواز حذف ڪيو ويندو آهي؛ اهو 'و' جو آواز خود فارسيءَ وارا به حذف ڪندا آهن؛ جيئڙوڪ: خواهش، خير خواه، خواب، خود، خويش، خوش، ان کي 'واو اشمام' چوندا آهن (قليچ: 2006: 72)

مرزا قليچ بيگ مرحوم ابجد جو تفصيل ڄاڻائيندي همزي بابت لکي ٿو ته: "ڪن انهيءَ (ابجد) کان سواءِ هڪڙو اکر وڌايو جنھن جو نالو 'آمزه' رکيائون ۽ شڪل 'ء' ڏنائونس، جو پوءِ غلط استعمال سان 'همزه' سڏجڻ ۾ آيو ۽ الف يا عين جھڙو آواز ڏنائونس." (قليچ، 2006: 167) اهڙن نڪتن جي تحقيقي لحاظ کان ٻيهر کوٽ پوٽ ٿئي ته يقيناً هڪ علمي راهه جڙي پوندي.

مرزا قليچ بيگ صاحب الف ۽ همزي کي هڪئي جو نعم البدل پائيندي لکي ٿو ته: "متحرڪ الف کي اڪثر عربيءَ ۾ همزو چون ٿا ۽ الف

رڳو ساڪن الف يا حرف علت ڪي ٿا سڏين.“ (قليچ، 2006: 70) جيڪڏهن هن نڪتي تي ئي عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي نسبت ڪم ڪيو وڃي ته ڪافي نوان موڙ ظاهر ٿي سگهن ٿا. مرزا صاحب جي ڄاڻائڻ جي مراد اها آهي ته عربيءَ ۾ جيڪو به ’الف‘ متحرڪ ٿئي ٿو اهو ’همزه‘ سڏجي ٿو، ٽوٽي جو ان جي شڪل ’الف‘ واري هجي؛ جڏهن ته ڊگهي سُر ( Long vowel) ۾ جيڪو الف ڪم اچي ٿو، اهوئي ’الف‘ ئي سڏبو. سنڌي صورتخطيءَ ۾ الف ۽ همزو هڪٻئي جا بيشڪ نعم البدل آهن ۽ انهن جا نالا شڪلين جي نسبت آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ به ’همزو‘ متحرڪ الف طور ڪم اچي ٿو، ليڪن ڪنهن لفظ جي اڳيان متحرڪ الف لاءِ همزو نه پر ’الف‘ ئي ڪم اچي ٿو؛ جيئن:

- ❖ **پهرين حالت (اڳ) ۾ متحرڪ الف ڪي همزي بدران الف جي شڪل ڪم آندي ويندي آهي:اَڪ، اَنب، اِندلٺ، اَڪبر، اَخبار وغيره.**
- ❖ **ٻين حالت (وچوواڙي) ۾ متحرڪ همزي جي ئي شڪل ڪم آندي ويندي آهي: مائِٽ، سائِيڪل، سوئَر؛ مَئُڻ، جيئَڻ، مُئَل وغيره.**
- ❖ **ٽين حالت (آخري) ۾ متحرڪ همزي جي ئي شڪل ڪم آندي ويندي آهي: سُوءَ، هوءَ، اڇلاءِ، ڳوءِ، ماءُ، پيءُ، ڌءُ، ڪاءُ وغيره.**

اسان وٽ ان نوعيت جو چندچاڻ وارو تحقيقي ڪم نه ٿو ٿئي، بلڪ درست رخ سان ٽيندڙ ڪم کي به اڪسائڻ بدران ٻوساٽيو ٿو وڃي.

مرزا قليچ بيگ عربي اکرن ۽ انهن جي لفظي اچارن ( Logogram/ Logograph) جون معنائون ڄاڻائيندي، سنڌي ٻوليءَ ۾ اکرن جي لفظي اچارن (Logogram/ Logograph)جون معنائون پڻ ڄاڻائي ٿو: ”عربي- سنڌي آئيوٽا ۾ عربيءَ جا 28 اکر ورتائون، تن مان اصل 22 ته عبراني آهن جي خود عربي ٻوليءَ نالا قيرائي ورتا، انهن ۾ عربن ڇهه اکر ٻيا وڌايا، جي خلاصا سندن ٻوليءَ لاءِ ضروري هئا. اهي ڇهه آهن: ث، خ، ذ، ض، ظ، ۽ غ. عبراني حرف ۽ انهن جي ترتيب ابجد هوز حطي ڪلمن سعفص قرشت ۾ اچي وڃي ٿي.“ (قليچ، 2006: 69)

مرزا قليچ صاحب جي لکڻ موجب: ”عربيءَ ۾ هرهڪ حرف جي ڪانه ڪا معنى آهي:

- ❖ الف = چڙهو ماڻهو، هزار
- ❖ با = گهٽين زالن وارو مڙس
- ❖ تا = خمير ( ڳوٿل اٽو )
- ❖ ثا = نرم.
- ❖ جيم = مست اٺ.

❖ حا = ٻگهي قد واري زال.
❖ خا = ڪنڌ يا ڪياڙي جا وار.
❖ دال = ٿلهي زال.
❖ ذال = ڪڪڙ جو موڙ.
❖ را = وير رڪندڙ ماڻهو، ننڍي ڏوئي.
❖ زا = پيٽر ماڻهو.
❖ سين = ٿلهو، گهٽو ڪنگهندڙ ماڻهو.
❖ شين = ٻوڙندڙ ماڻهو.
❖ صاد = هڪڙي قسم جو پکي.
❖ ضاد = ٻانگ ڏيندڙ ڪڪڙ.
❖ طا = گهٽي حرص وارو ماڻهو.
❖ ظا = وڏي چاتيءَ واري زال.
❖ عين = اک جو دن، اک، چشمو.
❖ غين = ڪارو ڪکر، اڃو ٽيڻ.
❖ فا = سمنڊ جي گجي، ڪُن.
❖ قاف = جبل جو نالو، ٽونگر.
❖ ڪاف = ڪاوڙ وارو ماڻهو.
❖ لام = اٺ، زرُ، ڪارو داغ جو نظر تارڻ لاءِ ٻارن جي منهن تي ڏيندا آهن.
❖ ميم = شراب.
❖ نون = مڇي، مس ڪپڙي، وڻ جو ٽڙ.
❖ واو = اٺ جو ٿوهو.
❖ ها = چماٽ.
❖ يا = ٻار جي پيڻ ڪان پوءِ ٽٽڻ ۾ باقي بچيل ڪير.

هي به ياد رکڻ گهرجي ته انهن ساڳين يا ڪن ٻين معنائن سان سنڌيءَ ۾ ڪي اکر ڪم ايندا آهن، جيئن ته 'الف' سچي سڪٽي يا نانگي ڪي چون ۽ الله جي به نشاني آهي.

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار.

❖ ميم جي معنى رمز يا ڳجهو جيئن ته ميم ۾ ڳالهائڻ ۽ ميم جي معنى محمد

صلي الله عليه وسلّم پيغمبر به آهي.

ميم رکو مـــن ۾، الـف تنهـن اڳـــيان.

اوڏو تي الف کي، من گڏئين سين ميم.

❖ قاف جي معنیٰ جبل آهي جيئن ته:

ڏونگر ڏکي کي قاف نه ڏئين کو.

❖ ۽ ڪاف پيچ ۽ ور وڪڙ تو ڏيکاري:

سندو ڪاڪل ڪاف، ماري معذورن کي.

❖ ۽ لام الف 'لا'س (لام ڪينچي) جي معنیٰ آهي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائڻ يا ٻڪ وجهڻ: ڪاتب لکي جيئن، لايو لام الف سين، اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾." (قليچ، 2006: 75)

هي اسان جا بزرگ عالم اهڙي قسم جي ڪم جو هڪ وسيع ميدان ڏئي ويا آهن، جن تي تحقيقي ڪم ٿيڻ جي گهرج آهي. مرزا صاحب اهڙن ننڍڙن معاملن تي ڪافي ڪجهه باريڪ بينيءَ سان لکيو آهي ۽ ان دؤر تي انهن نڪتن تي تمام گهڻو زور ڏنو ويندو هو؛ پر دؤر مٽجڻ سان گهرجون ۽ حالتون تبديل ٿين ٿيون، جنهن سبب ان وياڪرڻ تي گهٽ توجهه ڏنو وڃي ٿو.

رسم الخط مان مراد صرف اکر جي پير کي منفصل يا متّصل لکڻ آهي، جنهن ۾ اکرن جون صورتون به اچي ٿيون وڃن. مرزا صاحب اکرن جون صورتون به ڄاڻايون آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان جي صورتن تي اختلاف به رکي سگهجي ٿو.

مرزا قليچ بيگ صاحب الف- بي جي 51 حرفن مان هرهڪ جون چار صورتون ڏنيون آهن، همزي جو حرف يا ان جون صورتون نه ڏيڻ جي ڪا وضاحت ڪانه ڪئي اٿائين، امڪان آهي ته ان کي ساڳيو آواز سمجهي ۽ الف جو نعم البدل ڄاڻئي، ان کي شامل نه ڪيو هجيس؛ سندس ڏنل اکرن جي اهم صورتن کي ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو:

چئن صورتن وارا اکر:

| نالو | اکر | منڍ | وچ | پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| بي | ب | بـ | ـبـ | ـب |
| جيم | ج | جـ | ـجـ | ـج |
| سين | س | سـ | ـسـ | ـس |
| صاد | ص | صـ | ـصـ | ـص |
| ڪاف | ڪ | ڪـ | ـڪـ | ـڪ |

اعتراض جوڳين صورتن جا اکر:

| نالو | اکر | منڍ | وچ | پڇاڙي |
|---|---|---|---|---|
| الف | ا | ا | ـا | ـا |
| دال | د | د | ـد | ـد |
| ري | ر | ر | ـر | ـر |
| واو | و | و | ـو | ـو |
| هي | هه | هـ | ـهـ | ـهه |

(قليچ، 2006: 163 ۽ 164)

هي صورتون اهڙيون آهن جن ۾ ساڳيون شڪليون ڏيکاريون ويون آهن. جيئن ته اصل ڊاڪيومينٽ سامهون ڪونهي، ان لاءِ ڪا حتمي راءِ نه ٿي جوڙي سگهجي. مبادا، پرنٽ ميڊيا يا ايڊيٽرن انهن اهڙن اکرن کي اڳتي ڪيو هجي. بهرحال، مرزا صاحب جي ان دؤر جي حساب سان ڪاوش داد جي قابل آهي، جڏهن عام استاد اهڙن معاملن کان واقف ئي نه هوندو هو.

ٻوليءَ جي آوازن جي نسبت به مرزا صاحب ڪافي مطالعو رکندو هو. هو صاحب، سر لاءِ حرف علت لفظ ڪم آڻيندي لکي ٿو ته: "سنڌيءَ ۾ جيڪي لفظ آهن، تن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت هوندو يا حرف علت جو ڪو نشان هوندو، جنهن کي 'حرڪت' چون ٿا ۽ جو ڪنهن حرف صحيح تي ايندو. يعني سنڌيءَ جي هر هڪ لفظ جي پڇاڙي هيٺين اعرابن مان هڪ نه هڪ ۾ ضرور هوندي: آ، آ، اِ، اي، اُ، اؤ، اوَ، او، ايَ، ايَ (نون غني جو آواز به انهن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو.)." (قليچ، 2006: 170)

عام طور ٻوليءَ جي سُرن ((Vowels ۾ نون گهُٽي (Nasal Vowels) جي صورتخطيءَ جو مونجهارو ۽ ان کي سُرن ۾ شامل ڪرڻ جو مسئلو رهيو آهي، سُرن ۾ شامل ڪرڻ جي حوالي سان قليچ بيگ صاحب ان ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو ته: **"اهي نون غني سان به اچي سگهن ٿا، جيئن: اَن يا ءً، اِن يا ءِ، اِين يا اُن يا ءٌ، اُون، اين، اون، آون."** **(قليچ، 2006: 170)**

اهڙا ننڍڙا معاملا اڄ سوڌو اسان وٽ طئي ٿي ڪونه سگهيا آهن، ان جي سببن ۾ عدم دلچسپي ۽ لسانيات کان درست واقفيت نه هجڻ به آهي؛ جڏهن ته اسان جا پراڻا عالم لسانيات جي اصطلاحن کان چڱيان واقف نه هوندي به علمي لحاظ کان ڪافي ڄاڻ رکندا هيا.

آوازن جي نسبت مرزا صاحب اکرن جي ترتيب/ آئيوٽا تي پڻ ڪم ڪيو آهي. 1920ع ڌاري مرزا مرحوم ايلس واري پٽيءَ/آئيوٽا جي ورڇ ۽ ترتيب تي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' ۾ تنقيد ڪندي ديوناگري مخرجي

آئيوينا سان پيٽي ڄاڻايو آهي ته : “هيءَ الف- بي عربي ٻوليءَ جي الف- بي تان نڪتل آهي. جيڪي اکر يا آواز عربي ۽ فارسيءَ ۾ نه هئا، سي نقطن وڌائڻ سان يا هيئت مٽي ڪرڻ سان ٺاهيا ويا آهن، مگر هڪدم معلوم ڪري ٿو سگهجي ته اهي ڪنهن اصول تي ٺهرايا نه ويا آهن، رڳو ڏُکي تي وقت ٽپائڻ لاءِ ٺهرايا ويا آهن. سنسڪرت ۾، يا سنسڪرت مان نڪتل ٻولين ۾ وات مان نڪرڻ وارين جاين وارا اکر يا آواز سڀ گڏ ڏنل آهن، جيئن نڙيءَ وارا گڏ، ڏندن وارا گڏ، چپن وارا گڏ ۽ زبان وارا يا زبان جي پاسي وارا گڏ، تنهن ڪانسواءِ جن اکرن ۾ ’هه‘ جو آواز يا ’نون‘ جو آوازڳنڍيل يا لڪل ٿو رهي، سي به انهن اصل اکرن سان گڏ ڏنا ويا آهن، جيئن:

**مرزا قليچ بيگ جي ترتيبيل آئيوينا:**

| خاص سنڌي | | خاص عربي |
|---|---|---|
| نڙيءَ وارا: | ڪ ک گ گهه ڳ ه | ح خ ع غ ق ء |
| تارونءَ وارا: | ڄ چ ج جهه ڃ ڇ ش ي | .... .... .... |
| زبان يا انجي پاسي وارا: | ٽ ٺ ڊ ڍ ڻ ڙ ڙهه ڏ | ص ض ط ظ |
| ڏندن وارا: | ت ٿ د ڌ ن ر س ل | ث ز ذ |
| چپن وارا: | پ ڦ ب ڀ م ٻ و | ف |

(قليچ، 2006: 165)

هن ڪان اڳ،سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪم ايندڙ ديوناگري آئيوينا ۾ اهڙو تصور موجود آهي؛ جڏهن ته موجوده دؤر مطابق سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪم ايندڙعربي- سنڌي آئيوينا جي ڪا مروّج مخرجي ترتيب جي ڪا شڪل موجود ڪونهي. البته مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ واحد بخش شيخ (شيخ، 1986: 12- 13)۽ مرليڌر جيٽلي (جيٽلي، 1999: 56)جن جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا جن بزرگن پنهنجي خيال کان اهڙي ترتيب بيهارڻ جي ڪوشش ورتي هئي. مرزا صاحب جيڪا شڪل بيهاري، تنهن جو انداز ديوناگريءَ وارو آهي ۽ شيخ صاحب جيڪا مخرجي ترتيب بيهاري، تنهن جو انداز عربيءَ واري شمسي- قمري انداز واري آهي؛ پر جيئن ته اها شاگردن کي ياد ڪرڻ جي نسبت مشڪل هجڻ سبب مقبوليت ماڻي ڪانه سگهي، تنهن ڪري، سواءِ عربي صورتخطيءَ جي، باقيان ترتيب کي اهميت ڪونه ٿي ڏني وڃي.

ياد رهي ته آئيوينا مان مراد صرف ’اکري ترتيب‘ آهي؛ ان خيال کان اسان جي بزرگن جيڪو به ڪم ڪيو آهي، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙن معاملن تي نئين سِر تحقيقي ڪم ڪرڻ گهرجي.

صورتخطيءَ مان مراد ڪنهن لفظ جي معياري صورت مقرر ڪرڻ آهي. مرزا قليچ بيگ صورتخطيءَ جي معاملن تي به ڪافي نمايان ڪم ڪيو؛ خاص طور ايلس واري ڪميٽيءَ بعد صورتخطيءَ تي ويچار لاءِ 13 فيبروري 1913ع ۾ جيڪا پهرين ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي، ان ۾ تعليمي ماهرن ۽ سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن شرڪت ڪئي، جنهن جي صدارت مرزا صاحب ڪئي. ان گڏجاڻيءَ ۾ جيڪي فيصلا ڪيا ويا، تنهن جو مختصر احوال اخبار تعليم ۾ شايع ڪيو ويو هو (الانا، 2006: 206- 207)

جن سنڌي لفظن جي هِجي، انگريزي نالن ۽ لفظن جو سنڌيءَ ۾ تلفظ ڪم آڻڻ بنسبت مختلف رايا هئا، تن بابت سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن 1913ع تي پاڻ ۾ گڏ ٿي، هيٺئينءَ ريت ٺهراءُ پاس ڪيو آهي:

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| اونڌائي | اونداهي | سچون | سچيون |
| ڏهاٽي | ڏهاڙي | پروا | پرواهه |
| توٽي | توڙي | دريا | درياهه |
| ٿيو | ٿيون | ويهڻ | وهڻ |
| ننو/ننون | ٿوَ | ويراهڻ | وراهڻ |
| ڪنئوار | ڪنئار | چه | ڇهة |
| هُوا | هئا | ٿُل | ٿُلهه |
| جُيوُن | جوُن | مُکه | مکيه |
| اجان | اجا | بجاج | بزاز |
| چٽان | چٽا | بدماش | بدمعاش |
| وڃين * | وڃي | بصل/ بَسَرُ | بصر |
| ڪنيان | ڪنيا | بقل | بکر |
| ڪٽين | ڪٽي | تادي | تعدي |
| ججهو | جهجهو | تهمل | تحمل |
| محل | مهل | پڙدو | پردو |
| سَهي | صحيح | جافران | زعفران |
| چاڪ | چاق | ڇهبڪ | چابڪ |
| مطرڪو | مترڪو | حوال | احوال |
| ضعيفه | زائفان | خومچو | خونچو |
| جٿو | جسو | ڏارچيني | دالچيني |
| ايضناً | ايضاً | طبلو | دٻلو |

| | |
|---|---|
| بالڪل | بلڪل |
| بالفعل | بلفعل |
| استعيفا | استعفا |
| املڌاس | املداس |
| سرگشت | سرگس |
| شگون | سڳڻ |
| سَلهة | سِيلَ |
| يادگاري | يادگيري |
| رنگ | رڱ |
| پاڱون | پاڱو |
| رنج | رڄ |
| اسڪول | سڪول |

| | |
|---|---|
| دستارخوان | دسترخانو |
| دنبورو | طنبورو |
| دوفان | طوفان |
| سايو | سعيو |
| نماز شام | نما شام |
| هاون دستو/حمام دستو | همام دستو |
| شير پياز | سير پياز |
| فانوش | فانوس |
| ڪسر | ڪٿر |
| قينچي | ڪئنچي |
| گازي/ گاجي | غازي |
| ليمڪ | نمڪ |

ضمير حاضر واحد جي گردان ۾ وڃين لکڻ درست آهي (ڪميٽي)” (الانا، 1993: 133- 134)

**“اخبار تعليم موجب، هيٺيان لفظ ٻنهي صورتن ۾ صحيح آهن:**

| | |
|---|---|
| مهنو يا مهينو | وَئي يا ويئي |
| چوي يا چئي | پئي يا پيئي |
| پوي يا پئي | توب يا توف |
| ڦل يا ڦر | ڪلف يا ڪرف |
| پليد يا پليت | مسجد يا مسيت |

سنڌي صورتخطي بابت اخبار تعليم ۾ اڳتي ڄاڻايل آهي:

- نظر، پاڪي، مدعا، ناموس، ۽ ڦيرگهير، اهي لفظ جنس مونث ۾، ۽ نه جنس مذڪر ۾، ڪم آڻڻ گهرجن.
- ڪاليج ۽ اسڪول جنس مذڪر ۾ ڪم آڻڻ گهرجن.
- ملائڪ، اسرار، اولياءُ، قلوب، تواريخ ۽ احوال، اهي لفظ جمع جي صورت آهن، پر اِهي سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندا آهن.
- انگريزي نالن جي هِجي سندن اچارڻ موجب هئڻ گهرجي.
- ’هه‘ حرف جو اچار ڪن لفظن ۾ صفا ظاهر آهي، ڪن ۾ نه. صفا اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابون ڪم آڻجن، مثلاً:

(مهڻ) ڳُهَڻَ (انداز) گهڻ
(ناداني) ڄِهلَ (تلاش) جهل.
(الانا، 1993: 132- 135)

لسانيات جي حوالي سان مرزا قليچ جي ڪيل خدمتن جي مختصر جائزي وٺڻ مان حاصل مطلب اهو اخذ ٿيو آهي ته هن بزرگ لسانيات تي ڪافي ڪم ڪيو آهي، جنهن ڪي مجتا ڏيڻ لاءِ هن صاحب جي مختلف پاسن سان ڪيل ڪم تي، ايم.فل ۽ پي.ايچ.ڊي سطح تي، تنقيدي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو وڃي.

**حوالا:**


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر[1964] 1993. سنڌي صورتخطي- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2006) سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
3. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (1999) ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لڪاوٽ- اکل پارتييه سنڌي ساهتيه دهلي.
4. شيخ، واحد بخش (1986): سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو، پاڳو پهريون- ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
5. مرزا، قليچ بيگ (2006) سنڌي وياڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.